SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سندھ آرڈیننس نمبر XI مجریہ 2002

SINDH ORDINANCE NO.XI OF 2002

سندھ نجکاري کميشن (ترميم) آرڈيننس، 2002

THE SINDH PRIVATIZATION COMMISSION (AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

فہرست (CONTENTS)

تمہید (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ءٍ شروعات
Short title and commencement

2. 2001 جي سندھ آرڈيننس نمبر XXV ٻر دفعہ 39_A جو اضافو
Insertion of Section 39_A in Sindh Ordinance No.XXV of 2001

سنڌ آرڊيننس نمبر XI مجريہ 2002
SINDH ORDINANCE NO.XI OF 2002
سنڌ نجڪاري ڪميشن (ترميم) آرڊيننس، 2002
THE SINDH PRIVATIZATION COMMISSION (AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

[27 اپريل 2002]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ نجڪاري ڪميشن آرڊيننس، 2001 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ نجڪاري ڪميشن آرڊيننس، 2001 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي اهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ نجڪاري ڪميشن (ترميم) آرڊيننس، 2002 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو ۽ 16 جولاءِ 2001 کان لاڳو سمجهيو ويندو.	Short title and commencement
2. سنڌ نجڪاري ڪميشن آرڊيننس، 2001 ۾ دفعہ 39 کانپوءِ، هيٺين نئين دفعہ شامل ڪئي ويندي.	2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XXV
"39_A. جيستائين دفعہ 39 تحت قاعدا جوڙيا نہ وڃن، ڪميشن دفعہ 12 تحت نجڪاري پروگرام مهيا ڪري سگهي ٿي، دفعہ 23 تحت ملڪيت جي ملهہ لاءِ گائيڊ لائينس جوڙي سگهي ٿي ۽ دفعہ 24 تحت نجڪاري کي هلائڻ جو طريقيڪار بيان ڪري سگهي ٿي.".	۾ دفعہ 39_A جو اضافو Insertion of Section 39_A in Sindh Ordinance No.XXV of 2001
نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي	